SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1974

## اولهہ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ III جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance III of 1963

3. 1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ III ۾ دفعہ 8_A جي شموليت
Insertion of section 8_A in West Pakistan Act III of 1963

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1974
# اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

commencement

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance III of 1963

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ (جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايو ايڪٽ سڏيو ويندو) ان جي دفعہ 2 ۾، شق (k) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(k) "ڪارائتو جانور" مطلب:

(i)ڪو جانور جيڪو عمر ۾ هڪ سال کان گهٽ هجي؛

(ii)هڪ رڍ يا ٻڪري جنهن جي عمر هڪ سال کان وڌيڪ پر چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي، جيڪا ڍڪي هجي يا ڦر ڏيڻ جي مقصد لاءِ موزون هجي؛

(iii)هڪ مادي جانور سواءِ رڍ يا ٻڪري جي، جنهن جي عمر هڪ سال کان وڌيڪ پر ٽن سالن کان وڌيڪ نہ هجي؛

(iv)مادي جانور جيڪا رڍ يا ٻڪري کانسواءِ هجي، جيڪا ڍڪي هجي يا کير سان هجي يا ٻچا ڏيڻ جي لائق هجي؛

(v)هڪ مادي جانور، سواءِ رڍا يا ٻڪري جي، جنهن جي عمر ٽن سالن کان وڌيڪ هجي پر ڏهہ سالن کان وڌيڪ نہ هجي، جيڪا ڍڪي ٿيڻ جي مقصد لاءِ موزون هجي.

پر ان ۾ شامل نہ هوندو ڪو اهڙو جانور جيڪو ڏٻرو آهي، زخمي آهي، بيمار آهي يا ڪو ان جو ٻيو سبب آهي، ۽ ان لاءِ لکت ۾ وٽرنري آفيسر يا اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي گزيٽيڊ آفيسر سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي تہ اهو زنده رهڻ جهڙو ناهي يا هن ايڪٽ جي مطابق ڪارائتو نہ آهي؛".

1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III ۾ دفعہ 8_A جي

3.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 8 کانپوءِ هيٺين دفعہ 8_A شامل ڪئي ويندي:

"8_A. (1) هن ايڪٽ تحت ڏوهہ ازالي لائق هوندو.

| | |
|---|---|
| (ڏوھ جو ازالو ٿيڻ پڌٽي) ماجسٽريٽ آف فرسٽ ڪلاس ڪان گھٽ ڪا بہ عدالت ھن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تحت ڪنھن ڏوھ تي پڌٽي نہ ڪري سگھندي.". | شموليت Insertion of section 8_A in West Pakistan Act III of 1963 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آھي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.**